جمادي الاولى/جمادي الاخري1445ھ/ڊسمبر2023ء

# ماهوار
# فيضانِ مدينه

دعوتِ اسلامي

ويب ايڊيشن



# دارالافتاء اهلسنت

مفتي محمد قاسم عطاري

## (1) تندرستي جي زماني ۾ قضا ڪيل نمازون مريض ڪيئن ادا ڪري؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جنهن شخص جون تندرستي جي حالت ۾ نمازون قضا ٿيون، هاڻي اهو ايتري قدر بيمار آهي جو صرف اشاري سان ئي نماز پڙهي سگهي ٿو، ڇا ان شخص جون صحت واري حالت جون قضا نمازون اشاري سان پڙهڻ ڪان ادا ٿي ويندیون يا انهن نمازن کي تندرستي جي حالت ۾ ئي پڙهڻ لازم آهي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

قضا نماز پڙهڻ جي حوالي سان شريعتِ مطهره جو اصول هي آهي ته قضا نماز جي ادائيگي جو به اهو ئي طريقو آهي جيڪو ادا نماز پڙهڻ جو آهي، البت جيڪڏهن ڪو عذر لاحق ٿي وڃي ۽ اهو شخص قيام رڪوع ۽ سجود تي قادر نه رهي، ته ان صورت ۾ ان شخص کي پنهنجي عذر جي مطابق نماز پڙهڻ جي اجازت آهي. ڇو ته معلوم ڪيل صورت ۾ هي شخص صرف اشاري سان نماز پڙهڻ تي قادر آهي، تنهنڪري جيڪڏهن هي شخص اشاري سان قضا نمازون پڙهي ته ان جون قضا نمازون ادا ٿي وينديون، انهن نمازن کي تندرست ٿيڻ کان بعد پيهر پڙهڻ لازم ناهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## (02) بون چائنہ (Bone China) ٿانو استعمال ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته چيني جي ٿانوَن ۾ اهڙا ٿانوَ به ايندا آهن، جنهن کي بون چائنہ (Bone China) چوندا آهن، هي هڏين کي پيهي ڪري ٺاهيا ويندا آهن، اسان جي ملڪ ۾ انهن جو استعمال عام آهي، مهرباني فرمائي

پڌائيندا، ڇا هڏين مان ٺهيل ٿانوَ استعمال ڪرڻ جائز آهي يا ناجائز؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

انسان ۽ خنزير کان علاوه ٻين جاندارن جي هڏين کي پيهي ڪري ٺاهيل ٿانوَ استعمال ڪرڻ جائز آهي، جيتوڻيڪ اهو جانور ماڪول اللحم (جن جو گوشت کاڌو ويندو آهي) هجي يا غير ماڪول اللحم (جن جو گوشت ناهي کاڌو ويندو) هجن، ڇو جو انسان ۽ خنزير کان علاوه باقي جانورن جي هڏين مان نفعو حاصل ڪرڻ جائز آهي جو انهن جانورن جون هڏيون پاڪ آهن. ڇو ته ٿانوَ ٺاهڻ جي طريقي ڪار ۾ پهريان هڏين جي صفائي ڪئي ويندي آهي ته جيئن ان تي لڳل رطوبت ختم ٿي وڃي، پوءِ ان رطوبت جي ختم ٿيڻ کان بعد هڏيون جيڪي بذاتِ خود پاڪ آهن، هر طرح جي ناپاڪي کان پاڪ ٿي وينديون آهن، تنهنڪري انهن هڏين مان ٺهيل ٿانوَ استعمال ڪرڻ جائز آهي.

وڌيڪ هي ته جاندارن جي پاڪ اجزا کي استعمال ڪرڻ جي اجازت حديثِ پاڪ مان به ثابت آهي، جيئن ته نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هاٿي جي ڏندن مان ٺهيل ڦڻي استعمال فرمائيندا هئا.

البت انسان ۽ خنزير جي هڏين مان ٺهيل ٿانوَ يا جن ٿانون ۾ ذري پَر به انسان يا خنزير جي هڏي شامل هجي، انهن ٻنهي جي اجزا مان نفعو حاصل ڪرڻ حرام آهي. انسان جي هڏي مان نفعو حاصل ڪرڻ، ان ڪري ناجائز و حرام آهي جو انسان کي الله پاڪ اشرفُ المخلوقات بڻايو آهي، ته ان جي عزت ۽ تڪريم جي پيشِ نظر ان جي اعضاء مان نفعو به ناجائز ۽ حرام آهي. خنزير جي هڏي مان نفعو حاصل ڪرڻ، ان ڪري ناجائز ۽ حرام آهي جو خنزير نجسُ العين آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ٿانوَ ٺاهڻ ۾ انسان يا خنزير جي هڏين جو استعمال ٿيو هجي ۽ هي ڳالھ تحقيق سان به ثابت هجي، صرف شڪ نه هجي، ته انهن ٿانون کي استعمال ڪرڻ جائز ناهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) ڇا مڪي شهر ۾ نيڪي جيان گناھ ٻه لک جي برابر آهي؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جيڪڏهن ڪو مسجدِ حرام کان علاوه حرم جي حُدود ۾ نيڪي يا گناھ ڪندو آهي ته ڇا اهو به لک جي برابر آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

هڪ نيڪي تي لک نيڪين جي برابر ثواب يا هڪ گناھ جو لک گناهن جي برابر وبال صرف مسجدُ الحرام سان خاص ناهي، بلڪ مُڪمل مڪي شهر جو اهو ئي حڪم

آهي خود نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صراحت سان مڪي شهر ۾ هڪ رمضان ۾ ان جي روزن کي هڪ لک رمضان جي مهينن جي برابر قرار ڏنو. اهڙي طرح جليلُ القدر تابعي حضرت ابو سعيد امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن مڪي شريف ۾ هڪ روزي کي هڪ لک روزن ۾ هڪ درهم صدقو ڪرڻ کي هڪ لک درهم صدقو ڪرڻ جي برابر فرمايو. حضرت ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان مڪي شريف کان هٽي ڪري طائف کي قيام گاهه بڻائڻ جي متعلق سوال ٿيو ته پاڻ خوفِ خُدا ۽ تقوٰي جي بنا تي ارشاد فرمايو: مان ان شهر ۾ ڪيئن مُستقل قيام ڪيان جتي نيڪين وانگر گناهن جو وبال به تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. تنهنڪري معلوم ٿيو ته نيڪي يا گناهه جي لک کان برابري مسجدُ الحرام ئي ناهي بلڪ پوري مڪي شهر جو اهو حڪم آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (04) هڪ ئي قسم ڪيئي ڀيرا کڻي ڪري ٽوڙي ڇڏڻ سان هڪ ئي ڪفارو لازم ايندو يا قسم جي برابر ڪفارا؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته هڪ شخص قسم کنيو ته ” الله پاڪ جو قسم مان فلاڻي جي شادي ۾ نه ويندُس.“ ۽ قسم جا هي الفاظ ان ڪيئي ڀيرا چيا ۽ مختلف محفلن ۾ چيا، ته هي هڪ قسم ٿيو يا ڪيئي ۽ هاڻي جيڪڏهن هي قسم ٽوڙي ڇڏي ۽ شادي ۾ هليو وڃي، ته ڪيترا ڪفارا لازم ٿيندا؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

بيان ڪيل صورت ۾ قسم کڻڻ واري جيترا ڀيرا قسم جا مذڪوره لفظ چيا اوترا قسم منعقد ٿيا ۽ قسم ٽوڙڻ جي صورت ۾ اوترا ئي ڪفارا لازم ٿيندا، جيتوڻيڪ هي الفاظ انهيءَ مجلس ۾ چيا يا ٻيءَ مجلس ۾.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



رڪن شوريٰ مولانا
ابو ماجد محمد شاھد
عطاري مدني

# رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اَبا ڏاڏا (قسط: 4)

## (14) حضرت ڪِنانہ:

حضرت ڪِنانہ جي ڪنيت اَبُو النَّضر آهي. سندن والده عَوانہ هند بنتِ سعد بن قيس بن عَيلان آهي. (طبقات ابن سعد، 54/1) پاڻ قوم جا سردار هئا. ڪِنانہ جي معنٰي تَرڪش آهي، جهڙي طرح تَرڪش (جنهن اندر تِيرَ رکيا وڃن) سيني تيرن کي پنهنجي اندر لڪائي ڇڏيندو آهي، اهڙيءَ طرح هي پنهنجي قوم کي پنهنجي رحم دلي ۽ سخاوت سان پنهنجي دامن ۾ لڪائي رکندا هئا. جڏهن هي پوڙها ٿيا تہ اھلِ عرب سندن علم ۽ فضل جي سبب پري پري کان زيارت ڪرڻ ايندا هئا ۽ پاڻ ماڻهن کي نيڪي، احسان ۽ اعلٰي اخلاق جي وصيت ۽ تلقين ڪندا ۽ خوشخبري ٻڌائيندا هئا تہ الله پاڪ جا پيارا نبي احمدِ مُجتبٰي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تشريف وٺي اچڻ وارا آهن، جڏهن اهي اچن تہ انهن تي ايمان آڻجو ۽ انهن جي پيروي ڪجو. جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ تہ ان سان توهان جي عزت ۽ شرافت ۾ اضافو ٿيندو. هڪ ڏينهن پاڻ حَطِيم ۾ آرام فرمائي رهيا هئا تہ خواب ڏٺائون تہ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو تہ هنن چئن شين مان هڪ شيءِ جو انتخاب ڪيو: گهوڙا، اُٺَ، تعميرات ۽ دائمي عزت. پاڻ دعا گهريائون تہ اي الله پاڪ! مونکي هي چارئي نعمتون عطا فرماءِ. الله پاڪ هي دعا قبول ڪري ورتي ۽ سندن قبيلي کي هي چارئي نعمتون عطا فرمائي ڇڏيون. مِلڪان، نضر، عَمر ۽ عامر سندن پُٽ هئا. (سبل الهدٰی والرشاد، 286/1، 287- السيرة النبوية لدحلان، 19/1)

## (15) حضرت خُزيمہ:

حضرت ابوالأسد خُزيمہ جي والده سلمٰي بنتِ اسلم قُضاعي آهي. (طبقات ابن سعد، 54/1) خُزيمہ لفظِ خِزمہ (جمع ٿيڻ) جي تصغير آهي، انهن کي خزيمہ ان ڪري چيو ويندو آهي جو سندن پنهنجي اَبن ڏاڏن جي طرف کان نورِ مصطفٰي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اچي ڪري جمع ٿي ويو هو. (السيرة النبوية لدحلان، 21/1) پاڻ حسن اخلاق جا پيڪر هئا. پاڻ اعلٰي اخلاق ۽ اعلٰي اوصاف جي بلند رتبي تي فائز هئا.

ماڻھن تي تمام گھڻو احسان ڪندا ھئا جن جو شمار نہ ٿو ڪري سگھجي. سندن وفات دين ابراھيمي تي ٿي. سندن چار مشھور پُٽ ڪنانہ، اسد، عبدُ الله ۽ الھُون ھئا. (سبل الھدیٰ والرشاد، 287/1ماخوذاً)

## (16) حضرتِ مُدرِڪ:

حضرت مُدرڪ جو اصل نالو عَمرو ھو. سندن والده ليليٰ خِندف بنتِ حلوان بن عمران قُضائي آھي. (طبقات ابن سعد، 54/1) انھن جو تعلق يمني قبيلي سان ھو ۽ اھي پنھنجي بھترين اخلاق ۽ اوصاف جي ڪري مشھور ھيون. مُدرڪ جي معنيٰ شين کي معلوم ڪري وٺڻ ۽ ماڻي وٺڻ آھي. پاڻ ان نالي سان ان ڪري مشھور ٿيا جو عَمرو ۽ عامر ٻئي ڀائر اُٺ چارڻ ويا. ايتري ۾ ھڪ سَھو ڀڄندو آيو، جنھن جي ڪري انھن جا اُٺ ٿھي ڪري ڀڄي ويا. عامر سَھي جو شڪار ڪري ورتو. عَمرو عامر کي چيو تہ شڪار پچائيندي يا اُٺ پڪڙڻ ويندي؟ ان چيو شڪار پچائيندس. پاڻ ڊوڙي اُٺن کي ورائي آيا. شام جو واپس اچي ڪري والد صاحب کي ھي واقعو ٻڌايو، تہ انھن عَمرو کي مُدرڪ ۽ عامر کي طابِخہ جو لقب ڏنو. اھي ئي لقب مشھور ٿي ويا. (تاريخ طبری،535/6ماخوذاً ) انھن کي مُدرڪ چوڻ جي ھڪ وجھہ ھيءَ بہ ھئي تہ انھن ۾ نورِ مصطفٰي (صلّي الله عليہ والہ وسلّم) ظاھر ھو، ان جي برڪت سان انھن زماني جي سموري عزت ۽ فخر کي ماڻي ورتو ھو.

(السيرة النبويہ لدحلان، 21/1) سندن مشھور پُٽ خزيمہ ۽ ھُذَيل ھئا.

## (17) حضرت الياس:

سندن نالو حبيب ۽ ڪنيت ابو عَمرو آھي، سندن لقب الياس آھي، ھي عربي قول اَلْاَسَدُاليس (بھادر شير) مان آھي اليس جي جمع الياس آھي. ڪيس بھادري، استقامت ۽ جنگ ۾ اڳرائي جي وجھہ سان الياس چيو ويندو ھو. (سبل الھدیٰ والرشاد، 289/1) حضرت الياس جي والده رُباب بنتِ حَيَدہ بن مَعد بن عدنان آھي. (طبقات ابن سعد، 54/1) پاڻ پنھنجي ابن ڏاڏن جيان خوبصورت، فھم و فراست جا مالڪ ۽ ھر دل عزيز شخصيت ۽ قوم جا سردار ھئا. پاڻ کي سَيِّدُ الْعَشِيْرَہ (رشتيدارن جو سردار) ۽ عرب جو حڪيم چيو ويندو ھو، جڏھن پاڻ جوان ٿيا تہ قوم ۾ پکڙجندڙ برائين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويا. پاڻ انھن کي حضرتِ اسماعيل عَلَيْہِ السَّلَام جي سنّتن تي عمل جي ترغيب ڏياريندا ھئا. سندن ڪوششن رنگ لاتو ۽ قوم سڌي وات تي اچي وئي. اھو ئي سبب ھو جو قوم سندن دل سان تعظيم ڪندي ۽ عظمت کي تسليم ڪندي ھئي. پاڻ عرب جا پھريان ماڻھو آھن جن حج جي موقعي تي قرباني جي جانور (ھدي) کي ھڪليو ھو. اھلِ عرب ۾ سندن مثال اھڙو ھو جيئن حڪيم لقمان پنھنجي قوم ۾ ھئا، حديثِ پاڪ ۾ آھي تہ

الياس کي ٻرو نہ چئو اهي مومن هئا. (سبل الهدیٰ والرشاد، 289/1- السيرة النبوية لدحلان، 20/1) سندن مشهور پٽن ۾ مُدرڪہ ۽ طابِخہ آهن.

## (18) حضرت مُضَر:

حضرتِ مُضر جو نالو عَمرو آهي. انهن کي مُضر چوڻ جو سبب هيءُ هيو جو لِاَنَّهٗ كَانَ يُمَضِّرُ الْقُلُوبَ اَيْ يَاْخُذُهَا لِحُسْنِهٖ وَ جَمَالِهٖ يعني هي پنهنجي حسن ۽ جمال جي وجهہ سان ماڻهن جي دلين کي پنهنجو محبوب بڻائي ونندا هئا جيڪو ڪيس ڏسندو هو تہ محبت ڪرڻ لڳندو هو چوتہ انهن جي چهري تي نورِ مصطفٰي (صلّى الله عليهِ وآلِهٖ وسلّم) جا جلوا نظر ايندا هئا. (السيرة النبوية لدحلان، 20/1) سندن والده سوده بنتِ عڪ بن رَيْث بن عدنان آهي. (طبقات ابن سعد، 54/1) پاڻ نهايت خوبصورت، حڪمت ڀري گفتگو ڪرڻ وارا، لحنِ دائودي (سريلي آواز) جا مالڪ ۽ هر دل عزيز هئا، خوبصورتي جي سبب سندن مُضَرُ الْحَمْرَاء بہ چيو ويندو هو. پاڻ ئي اُنن کي تيز دوڙائڻ لاءِ حُدي خواني جي شروعات ڪئي. حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ مُضر کي ٻرو پلو نہ چئو اهي حضرتِ اسماعيل عليه السلام جي دين تي هئا. ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ اهي اسلام آڻي چڪا هئا. (كنز العمال، جزء12، 28/6، حديث:33982) سندن قبر رَوحاء[1] ۾ آهي. (السيرة النبوية لدحلان، 20/1، 21) سندن ٻہ پٽ مشهور ٿيا. الياس ۽ قيس عَيْلان.

## (19) حضرت نِزار:

حضرتِ نزار جي والده مُعانہ بنتِ جَوْشَم جُرهمي هيون. سندن حسن و جمال ۽ عقل ۽ ڏاهپ ۾ پنهنجي زماني جي تمام ماڻهن تي بَرتري رکندا هئا. (السيرة النبوية لدحلان 20/1) جڏهن هي ڪنهن بادشاهہ جي دربار ۾ ويندا هئا تہ بادشاهہ انهن جو تمام گهڻو احترام ڪندو ۽ نهايت محبت سان پيش ايندو هو. نِزار جي معنٰي ”تمام گهٽ“ آهي، ڪين هي نالو ان ڪري ڏنو ويو جو جڏهن سندن پيدائش ٿي تہ سندن ٻنهي اکين جي وچ ۾ نورِ مصطفٰي (صلّى الله عليهِ وآله وسلّم) چمڪندو هو. جيڪو نسل در نسل مُنتقل ٿيندو پئي آيو. سندن والد حضرت معد سندن شُڪراني ۾ ڪثير اُٺ ذبح ڪيا، تمام وڏي دعوت جو اهتمام ڪيائون، ۽ گهڻي مقدار ۾ مال خرچ ڪيائون ۽ فرمايائون تہ هن پٽ جي صورت ۾ الله پاڪ جيڪو مونکي انعام ڏنو آهي، هي خرچ ان جي مقابلي ۾ ”نذرِ قليل“ يعني تمام گهٽ آهي. ان ڪري سندن نالو نزار مشهور ٿي ويو. (سبل الهدیٰ والرشاد، 292/1) نبوت، ثروت ۽ خلافت نزار جي اولاد ۾ رهي، سندن چار پُٽ هئا: مُضَرُ الْحَمْرَاء

---

[1] رَوحاء جو مقام مديني شريف ڏانهن مغرب جي طرف، ينسبع السريع سٽي روڊ تي 80 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي اتي مشهور کوهہ بئرِ روحاء پڻ آهي. مقامِ بدر بہ انهيءَ طرف آهي.

رِبِيعَةُ الْفَرَسِ إِيَادُ الشَّمْطَاءُ أَنْمَارُ الْحِمَارِ (طبقات ابن سعد،49/1)

## (20) حضرت مَعد:

حضرت ابوالحرب معد حضرت عدنان جا صاحبزاده آهن. مَعَدّ جي معني هر وقت حاضر ۽ تيار رهڻ آهي. سندن هي نالو ان ڪري ڏنو ويو جو پاڻ هر وقت دشمن کان جنگ جي لاءِ تيار رهندا هئا ۽ هر جنگ ۾ ڪامياب ٿيندا هئا ڇوته سندن پيشاني ۾ نورِ مصطفٰي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) چمڪندو هيو. (السيرة النبوية لدحلان، 21/1) بُخت نصر سندن جي زماني جو هو. (انساب الاشراف للبلاذری،22/1،طبقات ابن سعد، 49/1) ان اهلِ عرب تي حملو ڪيو ته پاڻ ٻارهن سالن جا هئا. جڏهن عرب وارن کي شڪست ٿي ته الله پاڪ جي حڪم سان حضرت اَرْمِياء عَلَيْهِ السَّلَام ڪين نهايت ادب ۽ احترام سان پاڻ سان گڏ شام وٺي ويا. سندن اتي ئي پرورش پاتائون. جڏهن بخت نصر مري ويو ته هي واپس مڪي شريف تشريف وٺي آيا. (السيرة النبوية لدحلان، 20/1) سندس مشهور فرزندن ۾ نزار، عياد اڪبر، عبيد، حيدان، سليم، قناس ۽ قدزاع شامل آهن. سندس خاندان بنو معاد سڏجڻ لڳو ۽ ان ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو. (سبل الهدیٰ والرشاد، 294/1)

## (21) حضرت عدنان:

حضرت عدنان حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان عرب جا هڪ معزز شخص هئا. عدنان لفظ عدن مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي قائم رهڻ. چاڪاڻ ته الله پاڪ ڪين جنن ۽ انسانن جي شر کان بچائڻ لاءِ ملائڪن کي مقرر ڪيو هو، ان ڪري سندن عدنان سڏيو ويندو آهي.(السيرة النبوية لدحلان، 20/1)

حضرت عدنان عرب جا وڏا سردار هئا. سندن پهريان شخص آهن جن بيت الله شريف کي غلاف پهرايو جيڪو چمڙي مان ٺهيل هو. (سبل الهدیٰ والرشاد، 295/1) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن جو ذڪر ڀلائي سان ڪرڻ جو حڪم ڏنو جو ته اهي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دين تي هئا. (فتح الباري،140/8) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمائن ٿا: حضرت عدنان، حضرت معاذ، حضرت ربيعه، حضرت خزيمه ۽ حضرت اسد حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دين تي هئا، انهن جو ذڪر ڀلائي سان ئي ڪيو. (السيرة النبوية لدحلان، 20/1) جڏهن بُخت نصر عرب وارن تي حملو ڪيو ۽ ان کي شڪست ٿي ته اهي سيئي حضرت عدنان جي اڳواڻي ۾ حَضوراء (نزد زبيد، يمن) جي مقام تي گڏ ٿيا. انهن حَضُوراء جي چوڌاري کاهي کوٽي. جيتوڻيڪ عرب وارا هن جنگ ۾ به ڪامياب نه ٿي سگهيا پر بخت نصر حضرت عدنان کي سندن عظمت ۽ رهبريءَ سبب شهيد نه ڪيو،(تاريخ طبری، 394/6) مَعد، حارث ۽ مذهب سندن پٽ هئا. (سبل الهدیٰ والرشاد، 295/1)



# احڪامِ تجارت

مُفتي علي اصغر عطاري مدني

## هڪ شريڪ ٻئي شريڪ کي پنهنجو حصو وڪڻڻ تي مجبور نہ ٿو ڪري سگهي.

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري تہ اسان ٻن دوستن اڌ اڌ پيسا ملائي ڪري هڪ سوسائٽي ۾ پلاٽ خريد ڪيو هو، هاڻي منهنجو دوست ان پلاٽ کي وڪڻڻ جو چئي رهيو آهي پر في الحال منهنجو وڪڻڻ جو ارادو ناهي پر مون وٽ اوترا پيسا بہ ناهن جو مان ان جو حصو بہ خريد ڪري سگهان ان ڪري هو چاهي ٿو تہ مان پنهنجو حصو بہ وڪڻي ڇڏيان، حالانڪ جيڪڏهن هو پنهنجو حصو ڪنهن ٻئي کي وڪڻڻ چاهي تہ مونکي ڪو اعتراض ناهي. هن صورتحال ۾ شريعت جو ڇا حڪم آهي ڇا مون تي ان جي ڳالهہ مڃڻ لازم آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ توهان ٻئي شرڪتِ مِلڪ جي طور تي ان پلاٽ جا مالڪ آهيو ۽ شرڪتِ مِلڪ جو حڪم هي آهي تہ هر هڪ شريڪ پنهنجي حصي ۾ تصرف ڪرڻ جو پورو پورو حق رکي ٿو جڏهن تہ هو ٻئي شريڪ جي حصي ۾ اجنبي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪو شريڪ پنهنجو حصو وڪڻڻ چاهي ٿو تہ اهو پنهنجو حصو شريڪ کي بہ وڪڻي سگهي ٿو ۽ ڪنهن ٻئي شخص کي بہ وڪڻي سگهي ٿو پر پنهنجي شريڪ جي حصي ۾ ان جو ڪجهہ اختيار ناهي ۽ نہ ئي هڪ شريڪ ٻئي شريڪ کي پنهنجو حصو وڪڻڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو.

صدرُ الشريعہ بدرالطريقہ حضرت علامہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: ”شرڪتِ مِلڪ ۾ هر هڪ پنهنجي حصي ۾ تصرف ڪري سگهي ٿو ۽ ٻئي جي حصي ۾ اجنبي جيان آهي، تنهنڪري پنهنجو حصو وڪڻي سگهي ٿو ان ۾ شريڪ کان اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي ان کي اختيار آهي شريڪ جي هٿ وڪڻي يا ٻئي جي هٿ پر شرڪت جيڪڏهن هن طرح ٿي جو اصل ۾ شرڪت نہ هئي پر ٻنهين پنهنجون پنهنجون شيون ملايون يا

ٻنهين جون شيون مِلي ويون ۽ غير شريڪ جي هٿ وڪڻڻ چاهي ٿو ته شريڪ کان اجازت وٺڻي پوندي يا اصل ۾ شرڪت آهي پر وڪڻڻ ۾ شريڪ جو نقصان ٿيندو هجي ته شريڪ جي اجازت کان بغير غيرشريڪ جي هٿ سودو نه ٿو ڪري سگهي.“ (بهار شريعت، 490/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واله وسلَّم

## نفعو طئي ڪرڻ بنا شراڪت داري ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته مان اسڪريپ جو سامان خريد ڪري ان مان چاندي ڪيڍڻ چاهيان ٿو هڪ دوست مونکي ٻه لک رپيا بطورِ شرڪت ڏنا ۽ مون به پنهنجا ٻه لک رپيا ملايا ته جيئن اسڪريپ جو مال خريد ڪري چاندي ڪڍي سگهان، نفعي جي باري ۾ اسان جي ڳالهه طئي ٿي هئي ته مان پنهنجي مرضيءَ مطابق ان کي ڪجهه به نفعو ڏئي ڇڏيندس البت نقصان جي مُتعلق اسان جي ڪا ڳالهه نه ٿي هئي. اسان جو هن طرح معاهدو ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** عقدِ شرڪت ۾ هر فريق جو نفعو فيصد جي اعتبار سان طئي ڪرڻ ضروري آهي، جيڪڏهن فيصد جي اعتبار سان نفعي جي مقدار طئي نه ڪئي ته شرڪت فاسد ٿيندي ٿنهنڪري پڇيل صورت ۾ نفعي کي ٻئي فريق جي مرضي تي موقوف رکيو آهي، فيصد جي اعتبار سان طئي ناهي ڪيو جنهن جي وجهه سان هيءَ شرڪت فاسد ٿي آهي جنهن کي ختم ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن نئين طور شرڪت ڪرڻ چاهيو ته نفعو فيصد جي اعتبار سان طئي ڪيو ۽ ڪم نه ڪرڻ واري فريق جي لاءِ يا ڪم گهٽ ڪرڻ واري فريق جي لاءِ جيڪڏهن نفعي جي مقدار به گهٽ مقرر ڪرڻ چاهيو ٿا ته ڪري سگهو ٿا.

شرڪت ۾ نقصان بابت هي اصول ياد رکو ته نقصان ٻنهي فريقن جي مال جي برابري سان ٿيندو جيتوڻيڪ فريقن ان جي خلاف مقرر ڪيو هجي ڇو جو نقصان جو اصول شريعت جي طرفان طئي ٿيل آهي. جيڪڏهن شرڪت ۾ ٻنهي فريقن جو مال برابر هجي جيئن ته سوال ۾ ذڪر ڪيل صورت ۾ آهي ۽ نقصان ٿي وڃي ته فريقين کي برابر نقصان برداشت ڪرڻو پوندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واله وسلَّم

## اوڌر تي وڪڻيل شيءِ گهٽ قيمت ۾ خريد ڪرڻ جو ناجائز آهي؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ مان گاڏي قسطن تي وڪڻندو آهيان جيڪڏهن ڪنهن سيجاٽونءَ کي مان گاڏي ڊاڪومنٽس سان وڪڻان ٿو ته هومارڪيٽ ۾ به وڪڻي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن اهو ئي ماڻهو مونکي ٻيهر گاڏي وڪڻڻ چاهي ٿو ته ڇا مان اها گاڏي خريد ڪري سگهان ٿو يا نه؟ جڏهن ته ان جون قسطون اڃان باقي آهن.

**جواب:** پهريان ته هن ڳالهه کي ذهن ۾ رکندا ته توهان عام خريد و فروخت نه ڪري رهيا آهيو بلڪ جيڪا گاڏي توهان قسطن تي وڪڻي هئي انهيءَ کي قسطون پوريون ٿيڻ کان پهريان خريد ڪرڻ چاهيو ٿا ان جي لاءِ ضروري آهي ته وڪڻيل قيمت کان گهٽ قيمت ۾ نه خريد ڪيو جو گهٽ قيمت ۾ خريد ڪرڻ ناجائز ۽ گناهه آهي البت خريد ڪيل قيمت ۾ يا ان کان وڌيڪ قيمت ۾ خريد ڪرڻ بنا ڪراهت جائز آهي.

وڪڻيل شيءِ کي گهٽ قيمت ۾ واپس خريد ڪرڻ جي ناجائز هجڻ جي وجهه هيءَ آهي ته جيڪا گاڏي قسطن تي توهان وڪڻي آهي ان جي جيتري قيمت اڃان وصول ناهي ٿي اها توهان جي ضمان ۾ داخل ناهي ٿي ۽ مڪمل قيمت جي ضمان ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان جيڪڏهن اها گاڏي گهٽ قيمت ۾ واپس خريد ڪندؤ ته بلڪل اها ئي گاڏي جيڪا توهان وڪڻي هئي توهان جي ملڪيت ۾ موٽي ايندي ۽ ڪجهه قيمت ڪجهه جي بدلي ٿي ويندي ۽ باقي جيڪا قيمت رهجي ويندي اها بنا ڪنهن عيوض جي ملندي جيڪا ربح مالم يضمن هجڻ جي وجهه سان ناجائز ۽ گناهه آهي.

مثال طور توهان اوڌر تي هڪ لک روپي جي گاڏي وڪڻي ته هي هڪ لک خريد ڪرڻ واري تي ادا ڪرڻ لازم آهي جيستائين هو ادا نه ڪندو هي رقم توهان جي ضمان ۾ داخل نه ٿيندي، جيترا پيسا هو ادا ڪندو ويندو اوترا پيسا توهان جي ضمان ۾ داخل ٿيندا رهندا مثال طور هن ويهه هزار قسطن ۾ ادا ڪري ڇڏيا آهن هاڻي جيڪڏهن توهان ان گاڏي کي گهٽ قيمت مثلاً پنجاهه هزار روپين ۾ واپس خريد ڪيو ٿا ته گاڏي توهان کي واپس ملي وئي ۽ جيڪي هن توهان کي اسي هزار ڏيڻا هئا ان مان پنجاهه هزار رپيا، پنجاهه هزار رپين جي بدلي ٿي ويا، باقي رهجي ويل ٽيهه هزار خريدار توهان کي ڏيندو ته هي بنا عيوض توهان کي ملندا جيڪي ربح مالم يضمن هجڻ جي وجهه سان ناجائز ۽ گناهه آهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم



# مدني مذاڪري

## جا سوال جواب

## جمادي الاُخْريٰ 1445 / ڊسمبر 2023

### (1) تڪبيرِ قُنوت چوڻ ڪانپوءِ هٿ لٽڪائڻ (ڇڏڻ) ڪيئن؟

**سوال:** وِتر ۾ دعاءِ قُنوت جي لاءِ اللّٰه اڪبر چوڻ ڪانپوءِ هٿ لٽڪائڻ گهرجن يا نه؟

**جواب:** وِتر ۾ دُعاءِ قنوت جي لاءِ اللّٰه اڪبر چوڻ ڪانپوءِ ڊائريڪٽ هٿ ٻڌي ونڻ گهرجن، لٽڪائڻ نه گهرجن. تڪبيرِ تحريمه ۾ به ائين ڪرڻ گهرجي.

(مدنی مذاکرہ، 8ربیع الآخر شریف 1441ھ)

### (2) عالمِ دين کان اجايو بُغض رکڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا عُلماءِ ڪرام جي بي ادبي به ايمان کسجڻ جو سبب بڻجي سگهجي ٿي؟

**جواب:** جي ها! جيڪو واقعي عالمِ دين هجي ان جي توهين ايمان کي برباد ڪري سگهي ٿي. فتاوٰي رَضويه ۾ آهي: عالمِ دين کان اجايو بغض رکڻ ۾ به ڪفر جو خوف آهي.

(فتاوىٰ رضویہ، 715/23 مدنی مذاکرہ، 10ربیع الآخر شریف 1441ھ)

### (3) ڇا امام جي پٺيان مقتدي کي تڪبيرون چوڻ ضروري آهي؟

**سوال:** جڏهن امام صاحب جي پٺيان نماز پڙهندا آهيون ته اهي رڪوع وغيره ۾ وڃڻ وقت تڪبير چوندا آهن ڇا اسان ان تڪبير کي پٺيان چئي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها اها تڪبيرمُقتدي (يعني جماعت ۾ شريڪ نمازي) به چوندا ڇو جو مُقتدي جو پاڻ به تڪبير چوڻ سنّت آهي ۽ تڪبيرِ تحريمه يعني پهرين تڪبير اها فرض آهي، جيڪڏهن امام تڪبيرِ تحريمه چئي ڇڏي ۽ مُقتدي تڪبير ناهي چئي ته ان مُقتدي جي نماز ئي نه ٿيندي.

(مدنی مذاکرہ، 3ربیع الاوّل 1441ھ)

### (4) "مرڻ ڪانپوءِ ڏسندا سين!" چوڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڪنهن کي چيو وڃي ته ھي ڪم چڱو ناهي ته هو چوندو آهي ته "مرڻ ڪانپوءِ ڏسنداسين!" ائين چوڻ ڪيئن؟

**جواب:** "مرڻ ڪانپوءِ ڏسنداسين يا مرڻ ڪانپوءِ ڏٺو ويندو" اهو چوڻ نهايت بري ڳالهه آهي. جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي گناهه کان روڪي رهيو آهي ۽ سامهون وارو ھي چئي ته "مرڻ ڪانپوءِ ڏٺو ويندو" ته ھي خطرناڪ ڳالهه آهي، اهڙي ڳالهه نه چوڻ گهرجي، ان کان توبھ ڪرڻ گهرجي.

(مدنی مذاکره،4ربيع الاوّل1441ھ)

## (5) بيهي ڪري وضو ڪرڻ جو حڪم

**سوال:** بيهي ڪري وضو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جائز آهي، پر مُستحب ھي آهي ته ويهي ڪري وضو ڪيو وڃي.

(بهار شريعت،1/296-مدنی مذاکره، 29محرم شريف 1441ھ)

## (6) وارَ جي ڪَل لاهڻ مان ڇا مُراد آهي؟

**سوال:** وارَ جي ڪَل لاهڻ وارا هلاڪ ٿيا، هن جو ڇا مطلب آهي؟

**جواب:** سوالن جي ڪثرت ڪرڻ کي شايد "وارَ جي ڪَل لاهڻ" چوندا آهن جيئن سورة بَقره ۾ ڍڳيءَ جو واقعو آهي ته اللّٰه پاڪ ڍڳي ذبح ڪرڻ جو حڪم فرمايو ته ماڻهو خوام خواهه حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام کان سوالَ ڪرڻ لڳا ته ڍڳي ڪهڙي هجي؟ ان جو رنگ ڪهڙو هجي؟ وغيره ۽ ان وجهه سان اهي ماڻهو نهايت مشڪل ۾ پئجي ويا آخرڪار انهن کي ڍڳي ايتري مهانگي ملي جو ان جي کلَ ۾ سون ڀري ڪري ڏيڻو پيو. حالانڪ اللّٰه پاڪ صرف ڍڳي ذبح ڪرڻ جو فرمايو هو، جيڪڏهن اهي ماڻهو سوالَ نه ڪن ها ڪا به ڍڳي ذبح ڪري وٺن ها ته ايتري آزمائش ۾ نه پون ها.

(صاوی، 1/75 ملخصاً مدنی مذاکره، 11ربيع الاوّل1441ھ)

## (7) سجدو ڏکوئي وڃڻ سان نماز ۾ ڪا خرابي ته ناهي ايندي؟

**سوال:** جيڪڏهن نماز جي دوران سجدو ڏکوئي وڃي ته ان سان نماز ۾ ڪا خرابي ته ناهي ايندي؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪو پنهنجي اڪيلو نماز پڙهي رهيو هجي ۽ اهو سجدي کي ڪجھ ڏکوئي ڪري ڇڏي ته ان ۾ ڪو حرج ناهي، البت امام صاحب کي مُقتدين جو خيال رکڻو پوندو، امام کي ڪو به اهڙو انداز اختيار نه ڪرڻ گهرجي جيڪو ماڻهن جي لاءِ ڏکيو هجي ۽ هن زماني ۾ اهڙي احتياط جي وڌيڪ ضرورت آهي ڇو جو پهريان ئي ماڻهو مسجدن کان پري آهن، بي احتياطي ٿيڻ جي صورت ۾ وڌيڪ پري ٿي ويندا. ماڻهن کي مسجدن ۾ سهولتون ۽ آسانيون ڏيڻ گهرجن ايستائين جو جيڪڏهن اهي ان ڪري مسجد ۾ نٿا اچن جو AC ناهي ته AC لڳايو. هڪ دور اهو هو جڏهن ماڻهو سخت گرمين ۾ بنا پکي جي عبادت ڪندا هئا ۽ هائي ته AC هجڻ جي باوجود ڪيئي ماڻهو عبادت جي لاءِ ناهن ايندا ۽

مسجدون خالي هونديون آهن.

(مدنی مذاکره،26ربیع الاوّل 1441ھ)

## (8) قضا نمازن جي هوندي نوافل پڙهڻ ڪيئن؟

**سوال:** جنهن جي ذمي قضا نمازون هجن ڇا اهو تهجد، اشراق، چاشت ۽ اَوّابين جا نوافل پڙهي سگهي ٿو؟

**جواب:** جنهن جي ذمي قضا نمازون هجن عُلماءِ ڪرام ان کي (تهجد، اشراق، چاشت ۽ اوّابين وغيره) نمازون پڙهڻ جي اجازت ڏني آهي. جيڪڏهن ڪو انهن نمازن جي جڳهه تي قضا نمازون پڙهڻ چاهي ته تڏهن به ان کي اجازت آهي ۽ جيڪڏهن ڪو هي (نفل) نمازون نه ٿو پڙهي ته اهو گناهگار به ناهي پر انهن نمازن کي پڙهڻ جا وڏا فضائل آهن تنهنڪري جنهن کان ٿي سگهي اهو هنن کي ضرور پڙهي. (مدنی مذاکره، 26ربیع الاوّل1441ھ)

## (9) مُريد گناه ڪري ته پير صاحب ناراض ٿي ويندا آهن؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪو مُريد گناه ڪندو آهي ته ڇا پير صاحب ناراض ٿي ويندا آهن ۽ انهن جو فيضان گهٽ ٿي ويندو آهي؟

**جواب:** گناه ڪرڻ سان پير صاحب ناراض ٿين يا نه ٿين، الله پاڪ ناراض ٿيندو آهي ۽ اسان کي الله پاڪ جي ناراضگي کان بچڻو آهي. ائين نه ٿو ٿي سگهي ته پير صاحب جي ناراضگي کان بچڻ جي لاءِ گناه نه ڪري ۽ الله پاڪ ناراض ٿئي ٿو ته ڀلي ٿي وڃي، نَعُوْذُ بِالله. گناه الله پاڪ جي نافرماني آهي ۽ گناهه ڪرڻ واري کان پيارا آقا صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم به خوش نٿا ٿي سگهن، پير جو نمبر ته بعد ۾ ايندو، ان ڪري الله پاڪ جي خوف کان ۽ پياري نبي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان شرم ڪندي گناهه ڇڏڻ گهرجي. گناهه هرحال ۾ خطرناڪ آهي، ان کي ڇڏڻو ئي پوندو.

(مدنی مذاکره، 13صفرشریف 1441ھ)

## (10) ٻارَ جو نالو "ميڪائيل" رکڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا ٻارن جو نالو ملائڪن جي نالي تي رکي سگهون ٿا، جيئن ميڪائيل وغيره.

**جواب:** حديثِ پاڪ ۾ منع ڪيو ويو آهي ته ملائڪن جي نالي تي نالو نه رکيو وڃي.

(شعب الايمان،394/6، حديث: 8636-مدنی مذاکره، 29محرم شريف 1441ھ)






مفتي محمد قاسم عطاري

# قرآن ۾ صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جو شان

## صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جون ٽيون شان، تقويٰ:

سيدنا ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جو خوفِ خُدا، رجوع الي الله ۽ تقويٰ جو گواهه خود قرآنِ پاڪ آهي، جيئن سندن شان ۾ هي آيت نازل ٿي: ﴿اِنَّ سَعْیَكُمْ لَشَتّٰىؕ(۴) فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَ اتَّقٰىۙ(۵) وَ صَدَّقَ بِالْحُسْنٰىۙ(۶) فَسَنُیَسِّرُهٗ لِلْیُسْرٰىؕ(۷)﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ توهان جي ڪوشش ضرور مختلف قسم جي آهي. پوءِ بهرحال اهو جنهن (الله جي راهه ۾) ڏنو ۽ پرهيزگار بڻيو. ۽ سڀ کان چڱي راهه کي سچو مڃو. پوءِ تمام جلد اسان ان کي آساني ڏينداسين. (سيپارو 30، اليل: 1 کان 7)

۽ سندن تقويٰ ۾ سيني کان بُلند رُتبي تي فائز هجڻ جي متعلق الله پاڪ فرمايو: ﴿وَ سَیُجَنَّبُهَا الْاَتْقَىۙ(۱۷) الَّذِیْ یُؤْتِیْ مَالَهٗ یَتَزَكّٰىۚ(۱۸)﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ عنقريب سڀ کان وڏي پرهيزگار کي ان باهه کان پري رکيو ويندو. جيڪو پنهنجو مال ڏيئي ٿو ته جيئن ان کي پاڪيزگي ملي. (سيپارو 30، اليل: 17، 18)

۽ انهيءَ تمغهءِ ”اَتقیٰ“ ماڻڻ واري کي خُدا جي بارگاهه ۾ سيني کان وڌيڪ مُڪرم و مُحترم قرار ڏنو ويو، ارشاد ٿيو:

﴿اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْؕ-اِنَّ اللّٰهَ عَلِیْمٌ خَبِیْرٌ(۱۳)﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله ڄاڻڻ وارو خبردار آهي. (سيپارو 26، الحجرات: 13)

خوفِ آخرت، قيامُ الليل ۽ عبادت ۾

رياضت مُتقي جي عُمومي اوصافن ۾ داخل هوندا آهن. صديق اڪبر رضی اللہ عنہ جي انهن سهڻن وصفن جي شان ۾ الله پاڪ بيان فرمايو: ﴿اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّیْلِ سَاجِدًا وَّ قَآىٕمًا یَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَ یَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖؕ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ڇا اهو شخص جيڪو سجدي ۽ قيام جي حالت ۾ رات جون گهڙيون فرمانبرداري ۾ گذاري ٿو، آخرت کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي رب جي رحمت جي اميد لڳائي رکي ٿو (ڇا اهو نافرمانن جهڙو ٿي ويندو؟) (سيپارو 23، الزمر: 9)

بلڪ صديقِ اڪبر جو تقوٰي ۽ خوفِ خُدا ۽ رجوع الي الله ايتري قدر شاندار آهي جو ٻين کي به پاڻ رضی اللہ عنہ جي اتباع جو حڪم ڏنو ويو آهي، بهرحال الله پاڪ فرمائي ٿو: ﴿وَّ اتَّبِـعْ سَبِیْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَیَّۚ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ منهنجي طرف رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي هل. (سيپارو 21، لقمٰن: 51)

تقوٰي جو هڪ پهلو هي به آهي ته الله پاڪ جي عظمت ۽ ان جي محبوب صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم جي تعظيم دل ۾ ايتري قدر هجي جو بارگاهِ نبوي جي ادب جي ڪمال درجي تائين پهچائي ڇڏي. صديق اڪبر رضی اللہ عنہ هن وصف ۾ به ٻين تي فائق هئا. جيئن سندن سهڻي ادب جي متعلق الله پاڪ فرمايو: ﴿اِنَّ الَّذِیْنَ یَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓىٕكَ الَّذِیْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰىؕ-لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِیْمٌ(۳)﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جي رسول وٽ پنهنجن آوازن کي هلڪو رکندا آهن سي اهي ئي ماڻهو آهن جن جي دلين کي الله پرهيزگاري جي لاءِ پرکي ڇڏيو آهي، انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي. (سيپارو 26، الحجرات: 3)

## صديق اڪبر جو ڇوٽون شان، صاحبِ فضيلت ۽ طالبِ مغفرت هجڻ:

سيدنا ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ هڪ رشتيدار جي مالي مدد ڪندا هئا پر هڪ ڀيري سندن ان جي طرف کان تڪليف پهچڻ تي قسم کنيو ته سندن ان جي آئينده ڪا به مالي مدد نه ڪندا. ان تي قرآنِ پاڪ جي هيءَ آيت نازل ٿي: ﴿وَ لَا یَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَ السَّعَةِ اَنْ یُّؤْتُوْۤا اُولِی الْقُرْبٰى وَ الْمَسٰكِیْنَ وَ الْمُهٰجِرِیْنَ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ ﳚ-وَ لْیَعْفُوْا وَ لْیَصْفَحُوْاؕ-اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ یَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْؕ-وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ(۲۲)﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ توهان مان

فضيلت وارا ۽ (مالي) گنجائش وارا هي قسم نہ کڻن تہ اهي رشتيدارن ۽ مسکينن ۽ الله جي راھ ۾ هجرت ڪندڙن کي (مال) نہ ڏيندا ۽ انهن کي گهرجي تہ معاف ڪن ۽ درگذر ڪن، ڇا توهان هن ڳالھ کي پسند نہ ٿا ڪيو تہ الله توهان جي بخشش ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ( سيپارو 18، النور: 22)

هيءَ آيت مبارڪ ٻڌندي ئي سيدنا ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ عرض ڪيو: ڇو نہ! الله جو قسم، بيشڪ مان هن شيءِ کي پسند ڪريان ٿو تہ الله پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي. (بخاری3/65، حديث: 4141)

صديقِ اڪبر جو پنجون شان، اِنفاق في سبيل الله (يعني راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ):

راهِ خُدا ۾ مال خرچ ڪرڻ، بارگاهِ الاهي جي قربت، محبتِ الاهي جي علامت، اعليٰ درجي جي عبادت ۽ خُدا جي ٻانهن جو عظيم وصف آهي. هن خوبي ۾ سيدنا صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جو ڪردار، جنهن جو ڪو مَٽ ئي ناهي. مُفسرين جي مطابق هيٺين آيت پاڪ رضی اللہ عنہ جي شان ۾ ئي نازل ٿي: ﴿اَلَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّیْلِ وَ النَّهَارِ سِرًّا وَّ عَلَانِیَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْۚ-وَ لَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ(۲۷۴)﴾

**ترجموكنزالعرفان:** اهي ماڻهو جيڪي رات ۾ ۽ ڏينهن ۾، لڪائي ۽ ظاهر پنهنجا مال خيرات ڪن ٿا انهن جي لاءِ انهن جو اجر انهن جي رب وٽ آهي. انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين هوندا.

(سيپارو 3، البقرة: 274)

۽ هن اِتفاق يعني راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ ۾ صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي اخلاص جي گواهي دلين جا راز ڄاڻڻ واري ذات، الله پاڪ هيئن ڏني آهي: ﴿وَ مَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰۤىۙ(۱۹) اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰىۚ(۲۰) وَ لَسَوْفَ یَرْضٰى(۲۱)﴾

**ترجمو كنزالعرفان:** ۽ ڪنهن جو ان تي ڪو احسان نہ آهي جنهن جو بدلو ڏجي. (هو تہ) صرف پنهنجي سڀ کان بلند شان واري رب جي رضا تلاش ڪرڻ جي لاءِ،(مال خرچ ڪندو آهي) ۽ بيشڪ قريب آهي جو هو خوش ٿي ويندو. (سيپارو 30، اليل: 19 کان 21)

**صديقِ اڪبر جو ڇهون شان، خدمت مصطفيٰ** صلی اللہ علیہ والہ وسلم:

حبيبِ خُدا، احمدِ مُجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہ وسلم سان سچي عشق ۾ فنائيت ۽ وفا جي تقاضا ۾ ڪاميابي ڏسڻي هجي تہ سيدنا صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي ذات کان وڌيڪ ڪا هستي نہ ملندي. هر زمان ۽ مڪان، هر وقت ۽ حال ۾ حضور صلی اللہ علیہ والہ وسلم جا غم خوار، حمايتي، ۽

رازدار رهيا، هر وقت پنهنجي جان ۽ مال حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُصرت ۽ اعانت جي لاءِ قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار رهيا بلڪ قربان ڪندا رهيا ايستائين جو سفرِ هجرت ۽ غارِ ثور جي اڪيلائين ۾ يارِ غار هن ايثار و نثار جي لازوال داستان رقم ڪئي جنهن کي خالقِ حقيقي، نهايت خوبصورت انداز ۾ هيئن بيان فرمايو: ﴿اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** جيڪڏهن توهان ان (نبي) جي مدد نہ ڪندؤ تہ الله سندس جي مدد ڪري چڪو آهي جڏهن ڪافرن سندن کي (انهن جي وطن مان) ڪڍي ڇڏيو هو جڏهن هي ٻن مان ٻيون هو، جڏهن ٻئي غار ۾ هئا، جڏهن پاڻ پنهنجي ساٿيءَ کي فرمائي رهيا هئا غم نہ ڪر، بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي تہ الله ان تي پنهنجي تسڪين نازل فرمائي ۽ انهن لشڪرن سان گڏ ان جي مدد فرمائي جيڪي اوهان نہ ڏٺا. (سيپارو: 10، التوبه: 40)

## صديق اڪبر جو ستون شان، سچو عشق:

حضور جانِ عالَم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ايمان جي اصل ۽ ايمان جي جان آهي. هي نہ هجي تہ ايمان، بنا روح جسم جيان آهي ۽ بنا شڪ جي حضرت ابوبڪر رضی اللہ عنہ جيترا وڏا مُتقي ۽ صديقِ اڪبر آهن، ائين ئي مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق اڪبر بہ آهن۔ عشق و محبت جي هر اعلٰي ۽ پاڪيزه معيار ۾ پاڻ رضی اللہ عنہ سيني ڪان بُلند رتبي تي فائز نظر اچن ٿا. اهي حقيقي طور تي هن آيت جا سچا مصداق هئا: ﴿لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** تون اهڙن ماڻهن کي نہ ڏسندين جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندا هجن جو اهي انهن ماڻهن سان دوستي ڪن جن الله ۽ ان جي رسول سان مخالفت ڪئي پوءِ ڀلي اهي انهن جا پيءُ يا انهن جا پٽ يا انهن جا ڀائر يا انهن جي خاندان وارا هجن. (سيپارو 28، المُجادله: 22)

جنهن هستي کي سڀ کان گهڻو قربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نصيب ٿيو ۽ آهي، اهي حضرت صديق اڪبر رضی اللہ عنہ آهن ۽ مومنن تي نهايت رحيم ۽ شفيق، دشمنن تي سخت، ڪثرتِ رڪوع ۽ سجود جا شوقين، ربُ جي فضل ۽ رضا جا طلبگار ۽ سجدن جي نور سان منور پيشاني رکڻ وارا آهن ۽

يقيناً هينئن آيت جي عملي ۽ مجسم تفسير آهن، الله پاڪ فرمائي ٿو: ﴿مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِؕ-وَ الَّذِیْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَیْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا یَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا٘-سِیْمَاهُمْ فِیْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِؕ-ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِی التَّوْرٰىةِ ۛۖ-وَ مَثَلُهُمْ فِی الْاِنْجِیْلِ ۛ۫ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْــٴَـهٗ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** محمد الله جا رسول آهن ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي سخت، پاڻ ۾ نرم دل آهن. تون انهن کي رڪوع ڪندي، سجدا ڪندي ڏسندين، الله جو فضل ۽ رضا چاهن ٿا، ان جي علامت انهن جي چهرن ۾ سجدن جي نشان سان آهي. هي انهن جي صفت تورات ۾ (لکيل) آهي ۽ انهن جي صفت انجيل ۾ (لکيل آهي (انهن جي صفت اهڙي آهي) جيئن هڪ پوک هجي جنهن پنهنجو سنهڙو گؤنچ ڪڍيو (سيپارو 26، الفتح: 29)

**دعا:** الله پاڪ اسان کي صديق اڪبر رضی اللہ عنہ جي عالي اوصاف، بُلند اخلاق ، حُسنِ اعمال ۽ پاڪيزه ڪردار جو فيضان نصيب فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم.



# قرآنِ پاڪ ۾ يمن ۽ يمن وارن جو تذڪرو

مولانا محمد آصف اقبال عطّاري مدني

قرآنِ پاڪ ۾ مختلف مقامن تي يمن وارن جو تذڪرو آيو آهي، هتي ڪجهه آيتون ۽ انهن جي تفسير بيان ڪئي پئي وڃي:

(1) يمن وارا الله پاڪ جا پيارا

الله پاڪ جو ارشاد آهي: ﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَ يُحِبُّوْنَهٗۤ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ٘ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآىٕمٍؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! توهان مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو ته عنقريب الله اهڙي قوم آڻيندو جنهن سان الله محبت فرمائيندو آهي ۽ اهي الله سان محبت ڪندا آهن مسلمانن تي نرم ۽ ڪافرن تي سخت آهن، الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا آهن ۽ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان ناهن ڊڄندا. هي (چڱي سيرت) الله جو فضل آهي جنهن کي چاهيندو آهي عطا فرمائيندو آهي ۽ الله وسعت وارو، علم وارو آهي.

(سيپارو 6، المائدة: 54)

صدرُالافاضل مُفتي سيد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رحمۃ اللہ علیہ هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: هڪ قول هي آهي ته هي ماڻهو يمن وارا آهن جن جي تعريف بخاري ۽ مُسلم جي حديثن ۾ آئي آهي.

(خزائن العرفان،ص211)

(2) يمن وارن جي ذريعي مڪي وارن جي مدد ۽ نصرت

مُشرڪين کي حج کان روڪڻ جو حڪم آيو ته تجارت ۾ نقصان جو انديشو ۽ محتاجي جو خوف پيدا ٿيو ته الله پاڪ مسلمانن کي بي خوف ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي خاص مدد جو وعدو فرمايو ۽ اها مدد يمن وارن جي ذريعي ظاهر ٿي. الله پاڪ ارشاد فرمايو: ﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَاۚ وَ اِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖۤ اِنْ شَآءَؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! مشرڪ بلڪل ناپاڪ آهن پوءِ هن سال کان بعد اهي مسجد حرام جي ويجهو نہ اچڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن توهان کي محتاجيءَ جو ڊپ آهي تہ عنقريب الله پنهنجي فضل سان جيڪڏهن چاهيندو تہ توهان کي دولت مند ڪري ڇڏيندو بيشڪ الله علم وارو حڪمت وارو آهي. (سيپارو 10، التوبہ: 28)

محتاجي جي خوف مان مُراد هي آهي تہ جيڪڏهن توهان کي محتاجي جو خوف آهي تہ مُشرڪين کي حج کان روڪڻ کان تجارتن کي نقصان پهچندو ۽ مڪي وارن کي تنگي پيش ايندي تہ عنقريب الله پاڪ پنهنجي فضل سان جيڪڏهن چاهيندو تہ توهان کي دولت مند ڪري ڇڏيندو. حضرت عڪرمہ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: ائين ئي ٿيو الله پاڪ انهن کي غني ڪري ڇڏيو، خوب بارشون ٿيون ۽ پيداوار ڪثرت سان ٿي، مقاتل چيو تہ يمن جا ماڻهو مسلمان ٿيا ۽ انهن مڪي وارن تي پنهنجي ڪثير دولت خرچ ڪئي.(تفسيرخازن، 229/2،پ 10،التوبة، تحت الأية:28، خزائن العرفان،ص344)

(3) يمن ۾ سُليماني معجزي جو ظهور

حضرت سليمان عليه السلام کي عطا ڪيل معجزن مان هڪ پگهريل ٽامي جو چشمو بہ هو، ان معجزي جي ظهور جو مقام يمن ۾ هو. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لِسُلَیْمٰنَ الرِّیْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّ رَوَاحُهَا شَهْرٌۚ-وَ اَسَلْنَا لَهٗ عَیْنَ الْقِطْرِؕ-وَ مِنَ الْجِنِّ مَنْ یَّعْمَلُ بَیْنَ یَدَیْهِ بِاِذْنِ رَبِّهٖؕ-وَ مَنْ یَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِیْرِ(۱۲)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ هوا کي سليمان جي قابو ۾ ڏئي ڇڏيو، ان جو صبح جو هلڻ هڪ مهيني جي واٽ ۽ شام جو هلڻ هڪ مهيني جي راهہ (جي برابر) هوندو هو ۽ اسان ان جي لاءِ ڳريل ٽامي جو چشمو وهائي ڇڏيو ۽ ڪجهہ جن (قابو ۾ ڏئي ڇڏيا) جيڪي ان جي اڳيان ان جي رب جي حڪم سان ڪم ڪندا هئا ۽ انهن مان جيڪو بہ اسان جي حڪم کان ڦري اسان ان کي ڀڙڪندڙ باهہ جو عذاب چکائينداسين. (سيپارو: 22، سبا: 12)

مُفسرين ڪرام فرمائن ٿا تہ ٽامي جو هي چشمو ٽن ڏينهن تائين يمن جي سرزمين ۾ پاڻيءَ جيان جاري رهيو. هڪ قول هي آهي تہ اهو چشمو هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن جاري رهندو هو.(تفسير خازن،518/3)

(4) يمن جي سرزمين ۾ عبرت جا نشان

يمن انهن ملڪن مان هڪ آهي جتي پهريان جي تباهہ ٿي ويل قومن جا آثار مِلن ٿا جيئن الله پاڪ ارشاد فرمايو: اَوَ لَمْ یَسِیْرُوْا فِی الْاَرْضِ فَیَنْظُرُوْا كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَ كَانُوْۤا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً-

وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَیْءٍ فِی السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِی الْاَرْضِؕ-اِنَّهٗ كَانَ عَلِیْمًا قَدِیْرًا﴿۴۴﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ ڇا انهن زمين ۾ سفر نہ ڪيو جو ڏسن ها انهن کان اڳين جو ڪهڙو انجام ٿيو ۽ اهي انهن کان وڌيڪ طاقتور هئا ۽ الله جو اهو شان نہ آهي جو آسمانن ۽ زمين ۾ ڪا شيءِ ان کي عاجز ڪري سگهي. بيشڪ اهو علم وارو، قدرت وارو آهي (سيپارو: 22، فاطر: 41)

يعني ڇا مڪي جي ڪافرن شام، عراق ۽ يمن جي سفرن ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کي ڪوڙو چوڻ وارن جي هلاڪت ۽ بربادي ۽ انهن جي عذاب ۽ تباهي جا نشانَ نہ ڏٺا؟ (تفسيرمدارک، فاطر، تحت الأية: ۴۴، ص982)

(5) حج جي سفر ۾ تجارت جي اجازت جوسبب يمن وارا بڻيا

حج جو سفر اصل ۾ عبادت جي لاءِ آهي، تنهنڪري صحابہءِ ڪرام کي ان دوران تجارت ڪرڻ سان اخلاص جي معاملي ۾ تشويش پيش آئي تہ الله پاڪ ان سفر ۾ بہ تجارت جي اجازت عنايت فرمائي ۽ ان جو سبب يمن وارا بڻيا. جيئن الله پاڪ ارشاد فرمايو: وَ تَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَیْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى٘-وَ اتَّقُوْنِ یٰۤاُولِی الْاَلْبَابِ﴿۱۹۷﴾ لَیْسَ عَلَیْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْؕ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ ٿمر ساڻ کڻو پوءِ سڀ کان بهتر ٿمر يقيناً پرهيزگاري آهي ۽ اي عقل وارؤ! مون کان ڊڄندا رهو. توهان تي ڪو گناه ناهي جو توهان پنهنجي رب جو فضل تلاش ڪريو. (سيپارو: 2، البقرة: 197، 198)

امامِ اهلسنت امام احمد رضا خان حنفي قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يمن جا ڪجھ ماڻهو بنا سامان حج جي لاءِ ايندا ۽ چوندا هئا تہ اسان مُتوڪل آهيون، ۽ نہ چاهيندي بہ سوال ڪرڻو پوندو هو، حڪم آيو تہ سامان گڏ کڻي ايندا ڪيو. ڪجھ صحابہءِ ڪرام حج جي موسم ۾ تجارت مان انديشو ڪيو تہ ڪٿي اخلاص جي نيت ۾ فرق نہ اچي. فرمان آيو تہ ڪو گناه ناهي جو توهان پنهنجي ربَّ جو فضل تلاش ڪيو. اهڙيءَ طرح ربَّ جو فضل تلاش ڪرڻ جون ڪثرت سان آيتون آهن. (فتاویٰ رضويہ، 29/ 319)



# جنت واجب ڪرڻ واريون نيڪيون

مولانا محمد نواز عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي مُحمدِ عربي صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص مغرب کان بعد ڏهه ڀيرا هي ڪلما ”لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ“ پڙهي، ته الله پاڪ ان جي لاءِ ملائڪ موڪليندو آهي جيڪي صبح تائين ان کي شيطان کان محفوظ رکندا آهن، ۽ الله پاڪ انهن ڪلمن جي سبب ان جي لاءِ (جنت) واجب ڪرڻ واريون ڏهه نيڪيون لکندو آهي ۽ (جهنم) واجب ڪرڻ واريون ڏهه خطائون مٽائيندو آهي ۽ (انهن ڪلمن کي پڙهڻ جي عيوض) ان جي لاءِ ڏهه مؤمن غلام آزاد ڪرڻ جي برابر (ثواب) آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! جنت واجب ڪرڻ واريون ڪجهه نيڪيون گذريل قسط ۾ ذڪر ٿي چڪيون آهن، وڌيڪ ڪجهه نيڪين جي متعلق 8 فرامين مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم پڙهو.

(1) جنهن چيو ”لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ“ ته اهو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.(2)

(2) جنهن جو آخري ڪلام ”لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ“ هجي ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.(3)

(3) جيڪو مسلمان ايمان جي حالت ۾ مئو ۽ ان الله پاڪ سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪيو ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.(4)

(4) جيڪو شخص الله پاڪ کان هن حالت ۾ مليو جو ان صرف الله پاڪ ئي جي عبادت ڪئي ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.(5)

(5) جيڪو مسلمان مري وڃي ۽ اُن تي مسلمانن جون ٽي صفون نماز پڙهن ته الله پاڪ (ان جي لاءِ جنت) واجب فرمائي ڇڏيندو آهي.(6)

(6) جنهن جو روح ان جي جسم کان ان حال ۾ جدا ٿي جو اهو شخص ٽن شين ”تڪبر، قرض ۽ خيانت“ کان بري هجي ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي يا ارشاد فرمايائون: ان جي لاءِ جنت آهي.(7)

(7) جنهن سچي دل سان الله پاڪ کان ان جي راهه ۾ شهادت ملڻ جو سوال ڪيو ته ان جي

لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي.(8)

(8) صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان وٽان هڪ جنازو گذريو تہ انهن جنازي جي تعريف ڪئي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: واجب ٿي وئي. پوءِ ٻيو جنازو گذريو تہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ان جي برائي بيان ڪئي. حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: واجب ٿي وئي. حضرت عُمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ پڇيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪهڙي شيءِ واجب ٿي وئي؟ ارشاد فرمايائون: پهرين جنازي جي توهان تعريف ڪئي، ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي ۽ ٻئي جي توهان برائي بيان ڪئي، ان جي لاءِ دوزخ واجب ٿي ويو. توهان زمين ۾ الله پاڪ جا گواهہ آهيو.(9)

---

1...ترمذی، 315/5، حديث: 3545

2...مستدرک،356/5، حديث:7713

3...مسند احمد،443/36،حديث:22127

4...مسند احمد، 383/31، حديث: 19035

5...شعب الايمان،3 /298، حديث:3589

6...ابوداؤد، 270/3، حديث:3166

7...مسند بزاز،95/10، حديث:4159

8...معجم کبير، 106/20، حديث:207

9...بخاری،460/1،حديث: 1367۔

فرياد



# پنهنجي شر (برائي) کان ٻين کي بچايو

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا نگران مولانا محمد عمران عطّاري

هڪ ڀيري مدني مذاڪري ۾ منهنجي شيخ طريقت امير اهل سُنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن مون سميت سڀئي هڪ مدني گُل قبول فرمائن ته”**منهنجي ذات کان ڪنهن کي شر نہ پهچي يعني منهنجي طرفان ڪنهن کي بُرائي، تڪليف ۽ ناگواري محسوس نہ ٿئي تہ ڪيترين ئي حق تلفين کان بچت ٿي سگهي ٿي.**“ (1)

اي عاشقانِ رسول! معاشري ۾ هن وقت هڪ انسان پاران ٻي انسان کي پهچڻ وارو ”شر“ تمام گهڻو پکڙجي رهيو آهي، جنهن جا نظارا گهرن، محلن، گهٽين، بازارن، دفترن، ڪمپنين، اسڪولن ۽ ڪاليجن وغيره ۾ عام ڏٺا پيا وڃن.

❀ ڪٿي مڙس زال تي ظلم ۽ زيادتي ڪري ۽ گهر جي ٻين فردن جي سامهون ذليل و رسوا ڪري ان کي شر پهچائي رهيو آهي تہ ڪٿي زال بد زباني، بدتميزي ۽ نافرماني ڪري پنهنجي مڙس کي شر پهچائي رهي آهي، ڪٿي سسُ هروڀرون سختيون ڪري ۽ طرح طرح جي حيلن بهانن سان نُنهن کي رسوا ڪري کيس شر پهچائي رهي آهي تہ ڪٿي نُنهن سسُ جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڪٿي اولاد جي طرفان پهچڻ واري شر کان والدين پريشان آهن تہ ڪٿي اولاد والدين جي شر کان تنگ اچي ڪري ڊپريشن جا مريض بڻجي رهيا آهن، گهر ڇڏي ڀڄي رهيا آهن يا وري گهر ڇڏڻ جو سوچي رهيا آهن.

❀ پنهنجي ڳاڏي پاڙي جي گهر جي اڳيان بيهاري، پنهنجي گهر جو ڪچرو پاڙي جي دروازي جي سامهون اڇلائي، گهر جي ٻاهران ويهي ڇڪي راند، تاش ۽ شطرنج کيڏيندي سڄي رات وڏي آواز ۾ ڳالهيون ڪري، ٺهڪ ڏئي پڻ رات دير کان گهر اچي ڳاڏي ۾ ويهي گهر جي مين گيٽ کان ٻاهران هارن وڄائي پنهنجي گهر وارن سان گڏ پاڙيسرين جي بہ ننڊ خراب ڪري ۽ ٻين مختلف اندازن سان پاڙيسرين کي تڪليف پهچائي پئي وڃي. شادي يا وري ٻي ڪنهن تقريب جي نالي تي سڄي پاڙي ۾ شور

مچائي، ڦڪاڪا ڦاڙي، ڌهل وڄائي ۽ اهڙي طرح گهٽي محلي ۾ ڪرڪيٽ کيڏي ڪري سڄي محلي کي پنهنجي شر جو نشانو بڻايو پيو وڃي.

❀ موٽر سائيڪلن جا سائلنسر ڪڍي ڪري، ون ويلنگ ڪري، ون وي تي گاڏي هلائي ڪري، غلط ڊرائيونگ ڪري، گاڏيون غلط پارڪ ڪري، ٽريفڪ جام ڪري يا ٽريفڪ جام هجي ته خوامخواه هارن وڄائي ۽ ٻين مختلف نالن سان روڊ بلاڪ ڪري رستن تي ماڻهن کي پنهنجي شر جو نشانو بڻايو پيو وڃي. جيڪڏهن روڊ تي ڪنهن جي حق تلفي ڪئي، لڙائي جهيڙو ڪيو ۽ سامهون واري تي ظلم ڪيو ته هاڻي ٻيهر ان کان ملڻ جي بظاهر ڪا اميد به ناهي هوندي  جو انسان بعد ۾ شرمنده ٿيڻ تي معافي جي ترڪيب ڪري.

❀ گڏ ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جون چغليون هڻي، مذاق مسخري ۽ طنز ڪري پنهنجي شر کان ٻين کي گهڻو پريشان ڪري رهيا هوندا آهن ۽ انهن کي ذهني مريض بڻائي رهيا هوندا آهن ايستائين جو سامهون وارو بعض اوقات ٻئي جي شر کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي نوڪري ڇڏي ڏيندو آهي يا ڇڏڻ جو ذهن بڻائي ڇڏيندو آهي يا پوءِ شيطان جي چال ۾ ڦاسي انتقامي ڪارروائي ڪندي شريعت جي حد کي پار ڪري ويندو آهي.

❀ ڪٿي مقرر وقت کان وڌيڪ روڪي ڪري، طاقت کان وڌيڪ ڪم وٺي ڪري، گاريون ڏئي ڪري، معمولي سمجهي گفتگو ڪندي حقيراڻو لهجو اختيار ڪري باس جي طرفان ملازمين کي شر پهچي رهيو آهي ته ڪٿي ڪم کان ٿڪائي، ٽائم پورو ٿيڻ کان پهريان ڪم روڪي، ڪمپني جو ناقص مال تيار ڪري ۽ چاٽي واٽي سيٽ کي نقصان پهچائڻ وارو انداز اختيار ڪري ملازمن جي طرفان ان کي شر پهچي رهيو آهي.

❀ انهيءَ طرح ڪيترائي واپاري ملاوٽ، ڪوڙ ۽ دوکيبازي جي ذريعي پنهنجي شر کي عام ڪري رهيا هوندا آهن، ڪيئي ڊاڪٽرن جي طرفان مريضن کي بغير ضرورت جي دوائون ۽ ٽيسٽ لکي ڪري شر پهچايو پئي ويندو آهي.

❀ جيڪڏهن اسان پنهنجي باري ۾ به غور ڪيون ته ٻين کي اسان جي طرفان پهچڻ واري ”شر“ جي ڪري حقوق العباد جون ڪيتريون ئي پيچيدگيون اسانکي پنهنجي اعمالنامي ۾ نظر اينديون، پڻ اسان سان وابسته ماڻهن کي اسان مان سڪون پهچي ٿو يا برائي، تڪليف پهچي ٿي يا راحت، هرڪو پنهنجي اندر جاتي پائي ڏسي ۽ پنهنجي ڏينهن رات جي معمولات تي غور ڪري اسان مان هر هڪ بخوبي هن جو اندازو ڪري سگهي ٿو خاص ڪري جيڪي

اسان جي ماتحت ماڻهو آهن مثلاً زال، ٻار، ملازم ۽ شاگرد ته اسان جي شر کان تمام گهڻ ئي بچيل ملندا.

اسان کي پنهنجي ذات کان ٻين کي راحت پهچائڻ گهرجي نه وري بُرائي، پنهنجو اهڙو ذهن ٺاهڻ جي لاءِ هنن احاديث مبارڪ کي غور سان پڙهو.

3 فرامينِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہ وسلّم:

(1) توهان ماڻهن کي (پنهنجي) شر کان محفوظ رکو، هي هڪ صدقو آهي جيڪو توهان پنهنجي نفس تي ڪندا. (2)

(2) جنهن پاڪيزه طعام کاڌو ۽ سُنت جي مطابق عمل ڪيو ۽ ان جي شر کان ماڻهو محفوظ رهيا، اُهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (3)

(3) توهان مان سڀني کان بهتر انسان اهو آهي جنهن جي شر کان محفوظ رهيو وڃي ۽ ان کان ڀلائي جي اُميد ڪئي وڃي. (4)

حضرت علامه عبدالرؤف مناوي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڀلائي جو ڪم ڪندو هجي، ايستائين جو ماڻهن ۾ انهيءَ حوالي سان سُڃاتو ويندو هجي، اُن شخص کان ڀلائي جي اُميد رکي ويندي آهي. جنهن جون ڀلايون وڌيڪ هجن ته دل ان جي شر کان محفوظ رهندي آهي، جڏهن انسان جي دل ۾ ايمان مضبوط ٿيندو آهي ته ان سان ڀلائي جي اُميد رکي ويندي آهي ۽ ماڻهو ان جي برائي کان محفوظ ٿيندا آهن، جڏهن ايمان ڪمزور ٿيندو آهي ته ڀلائي گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ بُرائي غالب ٿي ويندي آهي. (5)

اهڙيون روايتون پڙهي ڪري ڪڏهن ڪڏهن اسان جو ذهن ٺهجي ته ويندو آهي ته هاڻي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٻين کي پنهنجي ذات کان راحت پهچائڻي آهي ۽ شر يعني برائي ناهي پهچائڻي پر جڏهن ڪو معاملو ٿيندو آهي ته ڪاوڙ ۾ اسان سڀ ڪجهه وساري ويهندا آهيون.

منهنجي تمام عاشقانِ رسول کان فرياد آهي! پنهنجي شر کان ٻين کي بچايو، پنهنجي ذات ۽ پنهنجي ڪردار سان ماڻهن کي راحت پهچايو، الله ڪريم هر عاشق رسول کي عافيت ۽ سلامتي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

---

1 ... مدنی مذاکرہ،15شعبان شریف 1440ھ مطابق20اپریل 2019

2... بخری ،150/2،حدیث:2518

3... ترمذی،233/4، حدیث:2528

4... ترمذی،116/4،حدیث:2270

5 ...فیض القدیر،666/3،تحت الحدیث:4113



رسولُ اللہ جون غذائون

# مڇي

مولانا حامد سراج عطّاري مدني

مڇي قديم زماني کان وٺي انساني غذا جو حصو رهي آهي. اللہ جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن بہ مڇيءَ جو گوشت تناول فرمايو آهي. مڇيءَ جي گوشت جو شمار لذيذ ۽ تمام فائديمند غذائن ۾ ٿئي ٿو. خاص ڪري علمِ طب ان جي فائدن سان ڀرپور آهي. دنيا ۾ مڇيءَ جا ڪيترائي قسم ملن ٿا.

## قرآنِ پاڪ ۾ مڇيءَ جو ذڪر:

قرآن مجيد ۾ پنج هنڌن تي مڇيءَ جو ذڪر آيو آهي. اللہ پاڪ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ جتي بني اسرائيلن کي ڇنڇر جي ڏينهن شڪار کان منع فرمايو، ان جاءِ تي هڪ جڳهہ مڇيءَ جو ذڪر آيو آهي. ۽ جتي حضرت موسيٰ ۽ خضر عَلَیۡہِمَا السَّلَام جي ملاقات جو واقعو ذڪر ٿيو آهي اتي بہ ٻن هنڌن تي مڇيءَ جو ذڪر آيو آهي. ياد رکو! مڇي اهو خوش قسمت جانور آهي جنهن جي پيٽ ۾ اللہ جا نبي حضرت يونس عَلَیۡہِ السَّلَام تشريف فرما رهيا. قرآن مجيد ۾ موجود هن واقعي ۾ ٻن هنڌن تي مڇيءَ جو ذڪر آيو آهي.

## مڇي جي ماهيت ۽ مزاج:

تازي مڇي ڀرين سطح تي ٿڌي ۽ ٻي سطح تي خشڪ هوندي آهي، جڏهن تہ ڪي مڇيون گرم ۽ خشڪ هونديون آهن. (خزائن الادويہ،659/3)

## مڇيءَ بابت مبارڪ حديثون:

حديث مبارڪن ۾ بہ مڇيءَ جو ذڪر آهي ۽ هڪ حديث مطابق حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ان جو گوشت بہ تناول فرمايو آهي. جيئن تہ (1) حضرت ابو عبيده بن جراح رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ تي سؤ اسلام جي مجاهدن جي لشڪر جو ڪمانڊر ٿي سيف البحر ڏانهن جهاد جي لاءِ تشريف وٺي ويو. اتي لشڪر جو راشن ختم ٿي ويو تان جو سڀجي ڏينهن ۾ هڪ هڪ کارڪ مجاهدن کي راشن طور ڏيڻ لڳا. پوءِ اهي کارڪون بہ ختم ٿي ويون. ان موقعي تي سمنڊ جي طوفاني لهرن اوچتو هڪ وڏي مڇيءَ کي ڪناري تي اڇلائي ڇڏيو، پوءِ ان مڇي کي ٽي سئو مجاهدن جي فوج ارڙهن ڏينهن تائين پيٽ ڀري کائيندي رهي ۽ ان جي وَهَ کي

پنهنجي جسم تي مليندي رهي. ايستائين جو سڀ تندرست ۽ صحتمند ٿي ويا. پوءِ هلڻ مهل ان مڇيءَ جو هڪ حصو ڪٽي ڪري پاڻ سان گڏ کڻي ڪري مديني پاڪ ڏانهن واپس آيا ۽ هن مڇيءَ جو هڪ ٽڪرو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ پيش ڪيائون. پاڻ تناول فرمايو ۽ ارشاد فرمايو ته هن مڇيءَ کي الله تعاليٰ توهان جو رزق بڻائي ڪري موڪليو. هيءَ مڇي ڪيڏي وڏي هئي ماڻهن کي ان جو اندازو ڀڏائڻ لاءِ امير لشڪر حضرت ابو عبيده بن جراح رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ حڪم ڏنو ته هن مڇيءَ جون ٻه پاسراڻيون زمين ۾ دٻايو. جيئن ته اهي ٻئي پاسراڻيون زمين ۾ دٻايون ويون ته (هڪ وڏو محراب ٺهي ويو جو) ان جي هيٺان هڪ ڪجاوو لڏيل اُٺ گذري ويو. (بخاري، 3/ 127-128، حديث: 4360، 4361، 1362)

(2) حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اسان لاءِ ٻه مئل جانور ۽ ٻه رت حلال ڪيا ويا آهن. مئل جانور ته مڇي ۽ ماڪڙ آهن، ۽ ٻه رت گردو ۽ ٻِلي آهن. (ابن ماجه، 32/4، حديث: 331)

(3) حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ته سمنڊ جنهن مڇيءَ کي اڇلي يا (مڇي سمنڊ جي ڪناري جي ويجهو پهچڻ تي) پاڻي گهٽ ٿي وڃي (۽ اها مڇي خشڪي ۾ اچڻ سبب مري وڃي) ته اهڙي مڇي کائو ۽ جيڪا (بغير ڪنهن سبب جي پاڻ ئي) پاڻيءَ ۾ مري ڪري اُبتي تري هجي اها نه کائو. (ابن ماجه، 588/3،حديث: 3247)

## حديث جا نڪات:

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي کاڌو ۽ ان جي حلال هجڻ جو عملي طور تي مظاهرو ڪيو حديث ۾ مڇيءَ لاءِ لفظ عنبر استعمال ٿيل آهي، ان جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ ته هي جو ان مان عنبر نڪرندو آهي، ٻيو هي ته ان قسم جي مڇيءَ جو نالو ئي عنبر آهي. (مراة المناجيح،5/ 664،663 ملخصاً) جڏهن ڪنهن لشڪر يا قافلي ۾ کاڌو نه هجڻ ڪري ماڻهو بکايل هجن ته پاڻ ۾ غمخواري ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن وٽ ٿورو گهڻو کاڌو هجي ته اهو گڏجي ڪري کائڻ گهرجي.

## مڇيءَ جا فائدا:

مڇي انساني صحت لاءِ تمام اهم غذا آهي، ان ۾ آئيوڊين (Iodine) موجود هوندو آهي، جيڪو صحت لاءِ تمام ضروري هوندو آهي، ان جي گهٽتائي سان جسم جي غدود جي نظام جو توازن بگڙجي سگهي ٿو، ڳلي جي اهم غدود ٿائيرائي (Thyroid) ۾ سُخم (يعني نقص) پيدا ٿي ڪري جسماني نظام ۾ ڪيئي خرابيون پيدا ٿي سگهن ٿيون. مڇي غذا طور استعمال ڪرڻ وارن جي عُمر ڊگهي ٿيندي آهي. هڪ طبي تحقيق جي مطابق سردي سبب ٿيڻ واري ڪنگهه جو مڇيءَ کان بهتر ڪو علاج ناهي، مڇي دل

جي مريضن لاءِ تمام گهڻي فائديمند آهي، ماهرن جو چوڻ آهي: ته هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا مڇي ضرور کائڻ گهرجي، غذا ۾ مڇيءَ جو گهڻو استعمال مثاني جي ڪينسر کي روڪڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو، مڇي جي منڍي جي يخني جنهن کي شوربو يا سوپ (Soup) به چوندا آهن، نظر جي ڪمزوري ۽ ٻين ڪيئي بيمارين جي لاءِ فائديمند آهي مسلسل هيءَ يخني پيئڻ سان اکين جا چشمان لهي سگهن ٿا مڇيءَ جي منڍي جي يخني (سوپ) اڌ رنگي، لقوي، عرق النساء (يعني لنگهه جو درد جيڪو پيرن کان ٽنگن تائين پهچندو آهي) اعصابي ڪمزوري، عضلات جي ڪمزوري، وقت کان اڳ عمر وڌڻ، جوڙن ۾ دائمي درد ۽ جسماني ۽ اعصابي تناؤ ۽ مدافعتي نظام جي قوت کي وڌائڻ لاءِ تمام مفيد آهي. اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجي ياداشت مڪمل طور تي وڃائي چڪا هجن يا اهي ماڻهو جيڪي ياداشت وڃائڻ جي ويجهو هجن، چاهي اهي نوجوان هجن يا پوڙها، هي يخني (سوپ) ضرور استعمال ڪن، جيڪڏهن گرمي جي موسم ۾ موافق نه اچي ته سردين ۾ استعمال ڪيو جيڪڏهن بيان ڪيل تمام بيمارين مان ڪا بيماري ناهي تڏهن به جيڪڏهن ڪجهه عرصو مڇيءَ جي منڍيءَ جو سوپ (Soup) استعمال ڪيو ته انهن بيمارين کان تحفظ حاصل ٿيندو. (مڇھلی کے عجائبات، ص36-1، ملتقطاً)

**نوٽ:** تمام غذائون ۽ دوائون پنهنجي ڊاڪٽر يا حڪيم جي مشوري سان استعمال ڪيو.

# ٻارن ۽ ٻارڙين
# جا 6 نالا

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: انسان سڀني کان پهريان تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي تنهنڪري اُن کي گهرجي تہ سندس چڱو نالو رکي. (جمع الجوامع ، 3/ 285، حديث : 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙين جي لاءِ 6 نالا، ان جي معنيٰ ۽ نسبتون پيش ڪيون پيون وڃن.

## ٻارن جا ٽي نالا

| نالو | سڏڻ جي لاءِ | معني | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | عبدالغفور | بخشڻ واري جو ٻانهو | اللّٰہ پاڪ جي صفاتي نالي جي طرف لفظِ عبد جي اضافت سان |
| محمد | ابوبڪر | اَوّلِيَّت وارا يعني فضيلت وارا. | مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت سيدنا صديق اڪبر جو مبارڪ نالو |
| محمد | طلحہ | خالي پيٽ | زبانِ مصطفيٰ سان جنت جي خوشخبري ماڻڻ واري صحابي رسول جو مبارڪ نالو. |

## ٻارڙين جا 3 نالا

| | | |
|---|---|---|
| ساره | شريف معزز | حضرت سيدنا ابراهيم عليہ السّلام جي گهر واريءَ جو نالو |
| وجيهہ | خوبصورت | اُمُّ المومنين حضرت اُمِّ سلمہ رضی اللہ عنہا جي آزاد ڪيل ٻانهيءَ جو نالو |
| رابعہ | شفقت ڪرڻ واري | مشهور وليہ خاتون حضرت رابعہ بصريہ رحمۃ اللہ علیہا جو نالو |



## گهر ۽ پاڙي جي شيطان ۽ چورن کان حفاظت

مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المُرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻُڌو ته جيڪو شخص هر نماز کان بعد آيةُ الڪرسي پڙهي ان کي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان ڪا شيءِ نٿي روڪي سگهي اهو مرندي ئي جنت ۾ هليو ويندو ۽ جيڪو به رات جو سمهڻ مهل ان کي پڙهندو ته اهو، ان جا پاڙي وارا ۽ آس پاس جا ٻيا گهر وارا شيطان ۽ چور کان محفوظ رهندا. (شعب، الايمان،458/2،حديث:2395)



## ڪاڌي جو وضو گهر ۾ ڀلائي وڌائيندو آهي

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته پياري آقا حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو هي پسند ڪري ته الله پاڪ اُن جي گهر ۾ خير (يعني ڀلائي) وڌائي ته جڏهن ڪاڌو حاضر ڪيو وڃي، وضو ڪري ۽ جڏهن کنيو وڃي ان وقت به وضو ڪري.

(فيضانِ سنت،ص185-سنن ابنِ ماجه،9/4، حديث:3260)



## ضدي ٻارن ۽ کير نه پيئڻ وارن ٻارن جو علاج

جيڪڏهن ٻارُ يا ٻارڙي کير نه پيئندا هجن ته يَاحَیُّ يَاقَيُّوْمُ 100 ڀيرا لکي ڪري دريا جي پاڻيءَ ۾ ڌوئي ڪري پياريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! کير پيئڻ لڳندا ۽ ضد به نه ڪندا. (زنده بيٹی کنويں ميں پهينک دی،ص30)



## مڙس کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي لاءِ

مڙس بري عادتن جو شڪار هجي ۽ گهر ۾ هر وقت جهيڙو رهندو هجي ته گهرواري هر ڀيري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ سان گڏ ٻارهن ڀيرا سورة فاتحه پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دَم ڪري پوءِ پنهنجي مڙس کي پياري، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مڙس نيڪي جي رستي تي هلڻ لڳندو. (مڙس ٻلڪ ڪنهن کي به هن عمل جي خبر نه پئي نه ته غلط فهمي جي سبب پريشاني ٿي سگهي ٿي) جڏهن جڏهن موقعو ملي عمل ڪيو وڃي، دم ڪيل پاڻي کولر ۾ پيل پاڻيءَ ۾ به وجهي سگهجي ٿو، بيشڪ مڙس کان علاوه گهر جا ٻيا ماڻهو به ان مان پيئن، ضرورت طور ٻيو پاڻي کولر ۾ وجهندا رهو. (زنده بيٹی کنويں ميں پهينک دی،ص32)

# عيادت ڪرڻ سُنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! مريض جي عيادت ڪرڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جي تمام پياري سُنت مبارڪ آهي.(1) اسان جي پياري نبي، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جي هي تمام پياري عادت مبارڪ هئي ته پاڻ سڳورن کي اطلاع ملندو هو ته فلاڻو بيمار آهي ته چاهي ان جي رهائش مديني پاڪ جي آخري ڪناري تي ئي ڇو نه هجي، پاڻ سڳورا ان کان پڇڻ جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا. حضرت علامه علي قاري رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪي صحابهء ڪرام علیہم الرضوان حاضر نه هوندا هئا حضور صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم انهن جي باري ۾ پڇا ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪو بيمار هوندو هيو ته ان کان پڇڻ جي لاءِ ويندا هئا يا ڪو سفر تي هوندو هيو ته ان جي لاءِ دعا فرمائيندا هئا. (2)

اچو عيادت بابت هڪ حديث پاڪ ٻڌون ٿا: صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم فرمايو: جيڪو شخص ڪنهن مريض جي عيادت ڪندو آهي اهو ڇڻ درياءِ رحمت ۾ ٽٻي لڳائي ٿو. جڏهن اهو مريض وٽ ويهندو آهي ته ان کي رحمت ڍڪي وٺندي آهي.(3)

---

1 بہارِ شریعت ،جلد:3 ،صفحہ:505،حصہ:16۔
2 جمع الوسائل فی شرح الشمائل،باب ما جاء فی تواضع رسول اللہ ،جلد:2 ،صفحہ:
3 مسندِ امام احمد،جلد:5،صفحہ:494 ، حدیث: 13119